SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 1995

# SINDH ACT NO.IV OF 1995

# سنڌ پيور فوڊ (ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SINDH PURE FOOD (AMENDMENT) ACT, 1995

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement
2. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of W.P Ordinance No.VII of 1960
3. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعه 37 جي ترميم
Amendment of Section 37 of W.P Ordinance No.VII of 1960

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1995

# SINDH ACT NO.IV OF 1995

# سنڌ پيور فوڊ (ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SINDH PURE FOOD (AMENDMENT) ACT, 1995

[27 سيپٽمبر 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پيور فوڊ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پيور فوڊ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پيور فوڊ (ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي ۽ اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندو، جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي بيان ڪري.

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of

2. سنڌ پيور فوڊ آرڊيننس، 1960 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڙهيو آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (9) ۾، موجود وضاحت کي "وضاحت-I" طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين وضاحت جو اضافو ڪيو ويندو:

Section 2 of W.P Ordinance No.VII of 1960

"وضاحت_II" "آيوڊين ملايل لوڻ" کي يا هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ آيوڊين طور يا ڪنهن ٻي خوراڪ ۾ جزي طور استعمال جي صورت ۾ استعمال ٿيڻ جي صورت ۾ خوراڪ سمجهيو ويندو.".

(ii) شق (14) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(14_A)" "آيوڊين ملايل لوڻ" مطلب کائڻ لائق عام لوڻ (نمڪ) جنهن ۾ آيوڊين جي کوٽ کي پوري ڪرڻ ۽ حفاظت جي مقصد لاءِ پوٽيشم آيوڊائيڊ جو اضافو ڪيو ويو هجي، اهڙي طريقي ۽ ايتري قمدار ۾ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.".

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعہ 37 جي ترميم

Amendment of Section 37 of W.P Ordinance No.VII of 1960

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 37 ۾:

(a) شق (e) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڏايو ويندو:

"(e) ڪنهن خاص مادي يا جزي جي استعمال کان منع يا ان جو استعمال:

(i) ڪنهن کاڌي جي جوڙجڪ يا تياري ۾؛

(ii) کاڌي طور".

(b) شق (f) ۾، لفظ "خوراڪ" ۽ لفظ "هوندو" وچ ۾ لفظن "بشمول آيوڊائيزڊ لوڻ" کي شامل ڪيو ويندو.

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**